# جِهجهان پَسي جهوڪ

تاجل بيوس



نئون نياپو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جهجان پسي جهوڪ
ڪهاڻيون: تاجل بيوس
ڇاپو پهريون: فيبروري 2004ع
ڇپارائيندڙ :نئون نياپو اڪيڊمي، ڪراچي
قيمت: =/35 روپيا

انتساب:

گوپال ٺڪر ۽ رتنا گوديا
جهمون ڇڳاڻي ۽ اندرا شبنم

جي لاءِ -

تاجل بيوس

**JHIJAN PASI JHOK**
SYMBOLIC STORIES
BY: TAJAL BEWAS
FIRST EDITION: FEBRUARY, 2004
PUBLISHED BY: NAON NIAPO ACADEMY, KARACHI

**RS: 35/=**



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ترتيب

پبلشر جو نوٽ: انعام عباسي 4
مهاڳ (علامتي ڪهاڻي ڇا آهي؟): سليم انور عباسي 5
ليڪڪ پاران: تاجل بيوس 8

## ڪهاڻيون

اعلان 11
چوٽڪارو 13
سونو تلاءُ 19
ٽيپهريءَ جو سج 23
اڃو پاڻي لُڙ ٽيو 30
انٽرنيشنل هاسٽل 34
پوڙهو عقاب 40
پاڻي پنيءَ بوڙ 45
ياڄائي 50
مائي مرادان 56
جهڃان پسي جهوڪ 59



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پبلشر جو نوٽ

تاجل بيوس سنڌ ۽ سنڌواسين لاءِ هڪ مانَ ڀريو نالو ۽ شاعر آهي.
پر هڪ شاعر جو ڪهاڻي ڪلا ۾ پير رکڻ...
هونءَ ڪهاڻيءَ جو سفر ڪيڏو نہ اڻانگو هوندو آهي؟
پر تاجل جو هي انداز بہ ڪيڏو نہ دل موهي ڇڏيندڙ آهي...!؟
ڇو جو تاجل بيوس ڪهاڻيءَ جي شروعات بہ ڏکئي ڏانءَ، علامتي انداز سان ڪري ڏيکاري آهي ۽ مٿان سنڌ جي سورن کي اهڙي تہ چيندڙ پيرائي ۾ بيان ڪري ويٺو آهي جو پڙهندي سچ تہ سيسرات نڪريو ٿا وڃن.

هن ڪتاب سان تاجل بيوس سنڌي ڪهاڻيءَ جي سناءَ ۾ بہ پاڻکي اڳيان اڳيان ڏيکاري ويو آهي.

هونءَ بہ تاجل بيوس سنڌي اديبن ۾ اهو اديب آهي جنهن عمر جي واڌ ڪري لکڻ کي ڪاٽ ناهي هنيون...
هو اڄ بہ جوانن کان وڌيڪ تيز ۽ لڳاتار لکي رهيو آهي...
۽ اسان جي دعا آهي تہ هو سنڌ ۽ سنڌ وارن جون ڪٿائون ائين بيان ڪندو رهي...

اداري جي بہ اها ئي هميشہ ڪوشش رهي آهي تہ پڙهندڙن کي هڪ کان پوءِ ٻيو، پر مختلف موضوع تي ڪتاب ڏئي سگهجي!
هن ڪتاب بابت پنهنجي راءِ کان نہ وساريندا.

انعام عباسي
چيئرمين
نئون نياپو اڪيڊمي، ڪراچي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ اصل وارتا تي ٻڌل پڻ.

اهڙي طرح لامحدوديت مان ئي علامت ۽ علامتي ڪهاڻيون اڀرن ٿيون. جنکي اسان تمثيلي بيان يا علامتي نمائندگيءَ (ALLEGORY) مان پروڙي سگهون ٿا، جن ۾ ماڻهو، شيون ۽ جايون چٽن مهانڊن سان پسبا آهن. سادي تمثيلي بيان (SIMPLE ALLEGORY) ۾ ڪردار ۽ خيالَ عام طور تي ٻين تز معنائن ۽ تجريدي يا منجهيل ڏانءَ ۾ موجود هوندا آهن. جڏهن تہ مٿاهين تمثيلي بيان (SUPREME ALLEGORY) ۾ آفاقي خيالن کي اُڪيريو ويندو آهي، جنهن ۾ غير معمولي سگهہ رکندڙ ماڻهو بديءَ خلاف مهاڏو اٽڪائيندو آهي ۽ مذهبي ڪردارن وسيلي شيطان جون پاڙون پٽي خدا جي حاڪميت قائم ڪئي ويندي آهي. ڪلاسيڪ تمثيلي نمائندگيءَ (CLASSIC ALLEGORY) واري ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙو مک ڪردار هوندو آهي جيڪو هر ڪنهن جو پلو چاهيندو آهي. چڱن سان چڱو ۽ چُٽن سان چُٽو. انگريزي ادب ۾ اهڙي ڪلاسيڪ تمثيلي نمائندگيءَ طور اسان جان بنين جي سترهين صديءَ ۾ لکيل ناول PILGRIM'S PROGRESS جو نالو ڄاڻائي سگهون ٿا، جنهن ۾ هڪ عيسائي نجات جي اڻانگي راهہ تي نڪري ٿو ۽ هو راهہ ۾ اٽڪيل اوکاين کي منهن ڏيندو نيڪيءَ جي منزل تي رسي ٿو. ساڳيءَ ريت دانتي جو DIVINE COMEDY بہ هڪ اهم تمثيلي قصو ڄاتو وڃي ٿو. تمثيلي بياني ڪهاڻين کي وچولي دؤر ۾ ڏاڍو پسند ڪيو ويندو هو، پر اڄ تمثيل تي گهٽ ڌيان ڏنو وڃي ٿو، اسان هت رڳو GEORGE ORWELL جي ڪتاب ANIMAL FARM جو حوالو ڏئي سگهون ٿا، جنهن ۾ ٻٽي معنائن واري آڪاڻي ۽ جملا ڪتب آڻيندي انساني پيڙائن کي واڙي ۾ بند جانورن جي پيڙائن سان تشبيهہ ڏئي ڊڪٽيٽرشپ جي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ کي پڌرو ڪيو ويو آهي.

ڪهاڻيءَ ۾ علامت عام طور تي محبت يا سچ وانگر اڻچٽي معنيٰ ۾ ڪتب ناهي ايندي، رڳو تصور جوڳين شين طور استعمال ٿيندي آهي، جنهن جو چٽو مثال اوهان "جهجهان پسي جهوڪ" ۾ پسي سگهو ٿا.

گهڻو ڪري ادب ۾ اسان جن علامتن سان مڪاميل ٿيندا آهيون اُهي رڳو بيجان شيون ئي هونديون آهن پر اتي جاندار شيون بہ علامت طور اچي سگهن ٿيون، ايستائين جو ڪنهن خاص منظر، جاگرافيائي خطي جي علامت بہ اسان کي اڳتيا اشارا مهيا ڪري ڏئي سگهي ٿي.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪن ڪهاڻين يا ناولن ۾ علامتي ڪردار ٽانڊاڻي وانگر چمڪو ڏئي هليا ويندا آهن، پر انهن جو خاص ڦل سڄي ڪهاڻيءَ تي حاوي هوندو آهي ڇو جو اهي گهڻو ڪري پر اسرار نمونو ظاهر ٿي غائب ٿي ويندا آهن. اهڙن علامتي ڪردارن کي عام طور تي ماڻهوءَ بجاءِ مورت طور (PORTRAIT) يا ان جيان چٽيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڪردار جي شخصيت ۾ شامل هڪ عادت به علامت طور استعمال ٿي ويندي آهي، جيئن :" هوءَ جڏهن به مرڪي ڏسندي هئي ته هنجون اکيون به مرڪي پونديون هيون." مٿين جملي ۾ اکين جو مرڪڻ هڪ علامت جو استعمال آهي.

علامتي عمل (SYMBOLIC ACT) جو پسمنظر ڪشادو هوندو آهي، مثال: ڪنهن هڪ پيار جو بيان اهڙي پيرائي ۾ ڪيو وڃي جنهن ۾ سيني پريمن جون ڪٿائون سموهجي وڃن.

ان ڏس ۾ اهو به چئي سگهجي ٿو ته سڀ ڪهاڻيون علامتي ٿي هونديون آهن، ڇو ته لکاري اهي پنهنجي انداز ۾ لکندو آهي، پر علامتي ڪهاڻين ۾ ليکڪ شين ۽ واقعن کي ڪشادي منظر ۾ بيان ڪندي هر واقعي کي ان ۾ سموهي ڇڏيندو آهي. ڪنهن علامتي ڪهاڻيءَ کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ اهو بنهه به ضروري ناهي ته هر اکر، هر نڪتي، واقعي ۾ علامت کي ڦلهوڙجي... ان سٽاءَ ۾ اهو به ممڪن آهي ته ڪا ڪهاڻي اوهان پڙهو ۽ اها اوهانکي رڳي به سمجهه ۾ نه اچي.

پوءِ پلا علامتي ڪهاڻيءَ کي ڪيئن سڃاڻجي؟

ان ڏس ۾ اها ڳالهه ڏاڍي پلي هوندي آهي ته لکاري گهڻو ڪري خاص علامت ڪهاڻي ۾ ور، ور ورجائيندا آهن. هونءَ به هر ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار، عمل يا شئي چٽي مک جاءِ والاريندي آهي، جنهن کي هوشيار پڙهندڙ هر سٽ تيز اک سان پڙهي ڪهاڻيءَ جي سنيهي کي پروڙي وٺندا آهن.

علامتي ڪهاڻي به ٻين ڪهاڻين وانگر هر ڪنهن تي ڌار ڌار اثر ڇڏيندي آهي.

سليم انور عباسي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ليکڪ پاران

ڪهاڻين جي هن مجموعي ”جهجهان پسي جهوڪ“ ۾ جملي يارنهن (١١) ڪهاڻيون آيل آهن، جي آهن: ياچائي، اعلان، چونڪارو، مائي مرادان، سونو تلاءُ، اڇو پاڻي لڙ ٿيو، ٽيپهريءَ جو سج، جهجهان پسي جهوڪ، پاڻي پنيءَ پوڙ، انٽرنيشنل هاسٽل، پوڙهو عقاب. هي سڀ جو سڀ علامتي ڪهاڻيون آهن، جن ۾ ڪهاڻين جا نالا ۽ ڪردار جيئن ته اسڪائلس، يولس، ڪولوزم يونيورسٽي، ارسطوپس، رافيل، يولسس، زرڪيس، فورينا، سلطان مائوس ۽ گارجيا پيٽ وغيره آهن.

علامتن کان ڪم وٺندي، جابرن، ڦورن، ڪوڙن دغابازن، استحصال ڪندڙن تي لفظ رومال ۾ ويڙهي، سچ چيو ويو آهي، جنهن ۾ قبيلائي طبقن، ننڍ وڏائي ۽ مضبوط صوبي پاران ننڍن ۽ ڪمزور صوبن جو استحصال ڪرڻ به اچي ويجهو. ڀهراڙين ۾ اسڪول ويندي، زندگيءَ جا ڪتا، مٺا پهر ۽ پل گذاريندي ۽ ڪچي پڪي جو مشاهدو ڪندي، جو ڪجهه مشاهدي هيٺ آيل آهي، هي ڪهاڻيون اهڙي ماحول جي عڪاسي ڪن ٿيون.

”ياچائي“ ڪهاڻيءَ ۾ وڏيرو، عارب کي پڙهڻ کان فارغ ڪرڻ لاءِ، سندس پيءُ جي معرفت عارب کي ڪمدار مقرر ڪرڻ جهڙي لالچ به ڏئي ٿو، ته جيئن عارب جاهل ئي رهي.

”چونڪارو“ ڪهاڻيءَ ۾، يولس مينهون چاريندڙ پنهنجي دوست اسڪائلس سان برباد ٿيل شهر جي کنڊرن تي ويهي، ڏاهپ جا نڪتا بيان ٿو ڪري، جنهن ذڪر ۽ فڪر سندس شعور جي طاقت کي سگهارو ڪيو آهي. هن عمل دخل ۾، يولس وٽان ڪيس مليل ڪتابن پڙهڻ جو به عمل دخل شامل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سارس ندي، دراصل سنڌو ندي ۽ ساريشس ولائٽ سنڌ ملڪ آهي، پاڻيءَ کي لوهن پنجرن ۾ ڦاسائڻ جو مطلب تربيلا ۽ جهلم ڊيمن کي جوڙائڻ، ڪاٺ جي ڦيٿي جوڙڻ جو اشارو، موهن جي دڙي جي قديم تهذيب ڏانهن اشارو آهي، ڪنڊرن ۾ پوريل ڪاشيءَ جون سرون سنڌ جي ڪاريگرن جون ٺهيل آهن، ۽ دڙن ۾ تبديل ٿيل شهر اسلام آباد آهي. سيني کي خبر آهي ته هندوستاني حملي ٿيڻ جو بهانو ڪري، پنجاب وارن ملڪ جي گاديءَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذرا ڪري پنهنجو پيٽ پريندو رهي ٿو. تنهن ڪي پوڙهي ٿيڻ ڪري، ڪانوَ سفارش ڪري، قاصد ٿو مقرر ڪرائي. پر عقاب پنهنجي فطرت کان مجبور ٿي، آخري گهڙيءَ تائين رت - چاڻ وارين ڪاروائين ڪي جاري ٿو رکي. جو عمل سندس امن پسند دوست ڪانوَ لاءِ اڻوڻندڙ عمل آهي. ائين هڪ ڏينهن بندوق جي گولي لڳڻ ڪري، عقاب زمين تي اچي ڦهڪو ٿو ڪري، جو دراصل جنرل ضيا آهي. جيڪو جهاز ڪرڻ ڪري، لوهہ ۽ پيٽرول جي باهہ ۾ جلي، رک ٿيو هو.

مان چاهيان ٿو، تہ باقي ڪهاڻيون پڙهندڙ پاڻ پڙهي. منهنجن ڪتب آندل علامتن تائين پاڻ پهچن ۽ پروڙن. جو مون لاءِ هڪ اتساهيندڙ ۽ لاپائتو عمل ثابت ٿيندو.

آخر ۾ مان وري بہ ٿئون نياپو اڪيڊميءَ جي سڪاڻي ۽ لطيف جي ڪاهوڙي انعام عباسيءَ جو ٿورائتو آهيان. جنهن هڪ ٻئي پٺيان منهنجن پنجن ڪتابن ڪي ڇپائي پڌرو ڪرڻ سان، هي منهنجو ڇهون ڪتاب هٿ ۾ ڪنيو آهي. مان انعام لاءِ بس ايترو ٿي ڪري سگهان ٿو، جو ٿر جي ڏنٽرن پرئي ڏار جي پُسيل ۽ ميهڙ جي ميندي‌ءَ جا هارَ ڻاهي، ڪيس پارائي سگهان ٿو. ۽ پوءِ لطيف جو هي بيت جهونگارڻ لڳندس:

پلائي آهين، پرين پلائيءَ پنهنجي
سباجها سِر چڙهيو، ڏوراپا تہ ڏين
مون ڏي مديون ٿين، تہ بہ سڄڻ سُڃاڻين ۾

موڪلاڻي ڪانهي. الهہ ٻيلي، رام راکا

**تاجل بيوس**

٢٨ جنوري ٢٠٠۴

اي - ٦٢ بلاڪ ۴ اي. صحافي ڪالوني. گلشن اقبال ڪراچي. سنڌ
فون: 021-4813459. 0300-2528062



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اعلان

ٻي مهاڀاري جنگ جي تباهڪارين ڪان پوءِ، سنڌو پنهنجن ٻارڙن سميت ناري واهه جي پر تي هڪ ٽٽل قلعي ۾ رهندي هئي. ٻن ٽن سالن گذرڻ ڪان پوءِ بہ سنڌو گهر ڏي ويل پنهنجي مڙس هالار کي نہ وساري سگهي هئي، ان آس تي تہ هالار ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن ضرور موٽي ايندو. سنڌو اهڙيءَ طرح پنهنجن ٻارڙن کي پٿي آٿت ۽ آسرا ڏيندي هئي.

قلعي جي ڏاڪڻي ماري( بـُرجي) ۾ جهروڪن اوٽ، تباهيءَ ڪان بچي ويل هڪ وڏو گهنڊ اجان سوڌو سهي سلامت ٽنگيو پيو هو. سنڌوءَ جا ٻار ڪڏهن ڪڏهن ان برجيءَ ۾ وڃي ڪيڏندا بہ هئا ۽ گهنڊ بہ وڄائيندا هئا. سنڌو جڏهن بہ ڪنهن کي پري ڪان ايندو ڏسندي هئي، يا رات جي خاموشيءَ ۾ ڪنهن جي پيرن جي آهٽ محسوس ڪندي هئي، تہ ٻين تي اُپي سيخ ٿي ويندي هئي ۽ پوءِ قلعي جي جهروڪن وٽ ٻيهي، اُن پنهنجي يا پرائي کي واجهائڻ لڳندي هئي.

سمهڻ ويلي، خاص ڪري سانوڻي راتين ۾ ٻارن جو ڏاڏو ڏونگر ٻارن کي ڪڏهن ڪڏهن جنگي ڪهاڻيون ۽ ڪارناما ٻڌائيندو رهندو هو. ٽلٽيءَ ۽ ڪرڙيءَ جا داستان، ڏيڀيءَ جي جنگ ۽ ارغونن جي اُرهه زوارين وقت راءِ ڪنگهار جا راتاها ۽ هوشوءَ ۽ دريا خان جي دليريءَ جا قصا ۽ ڪهاڻيون تہ هاڻي ٻارن کي بہ ياد ٿي ويون هيون. هونءَ بہ جسودن وارو هي ڦٽل قلعو ساٽيهہ جي اوٻارين سرحدن جي ايڏو تہ ويجهو هوندو هو جو سرحدي جهڙپن جي ٺڪا-ٺوڪي ٻڌڻ سان گڏ، فوجي دستن جي چر پر بہ آسانيءَ سان ڏسي ۽ محسوس ڪري سگهبي هئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ فوجي گاڏيون قلعي جو اتريون پاسو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چونڪارو

اڪ ـ نهار تائين دڙا ئي دڙا پيا ڏسجن. نظر ڪٿي وڃي، مجال آ جو دڙا کٽن. ڪٿي، ڪٿي پراڻيون عمارتون ۽ عمارتن جا اهڃاڻ بہ نظر اچي رهيا آهن. هر طرف ڪان ڍڳ ۽ ڍڳن جا ڏنار پيا پسجن. چرڻ جون چونگارون....... ٻڪون، رنيون..... ٽلين جا آواز، هونگارون.... ڍڳ، وڳ، ڏنار... ڪچهريون. ڊاڙون.... ٻناڪون.....

يـُولس ۽ اسڪائلس ننڍ پڻ جا دوست آهن. جي هڪ ئي اسڪول ۾ پڙهيا هئا. يـُولس تہ وڃي ماستر ٿيو. پر اسڪائلس جي ڪرمن ۾ ڏنارپ اچڻي هئي. يولس ڪي اسڪول وڃڻ لاءِ دڙن ۽ قتل شهر مان گذرڻو پوندو هو. جو هڪ مجيل اديب پڻ هو. سرحدن جي حفاظت واري کاتي ۾ اسڪائلس ڪي نوڪري ڪندي، اجا سال ڪن مس ٿيو هو جو ٽنگ ۾ گولي لڳڻ ڪري هو منڊو ٿي پيو هو. جنهن ڪري ڪيس نوڪريءَ مان خارج ڪيو ويو هو ۽ هاڻي مينهن جي وڳ سان ڪيس دڙن تي ڏنو ويندو هو. اسڪول ڳان موٽندي، يولس ڪڏهن ڪڏهن دڙن تي اسڪائلس سان اچي ڪچهري ڪندو هو. هوندءَ بہ دڙن گهمڻ ۾ يولس ڏاڍي دلچسپي وٺندو هو. اسڪائلس پنهنجي دوست يولس جي لفظ، لفظ ڪي غور ۽ شوق سان ٻڌندو هو. اهو يولس جي سنگت جو اثر هو، جو اسڪائلس مال ڪي ڪنهن ڊوري ۾ ڇڏي، پاڻ ويهي يولس جا ليڪچر ٻڌندو هو ۽ انهن ليڪچرن ۾ ايڏو تہ گم ٿي ويندو هو، جو ڪڏهن ڪڏهن تہ مينهون ٻناريون پاڻ ئي گهر پهچي ويندي يون هيون ۽ ڪيس شام ويلي لٺ تي منڊڪ، منڊڪ ڪندو، ڳوٺ ڏانهن ڊوڙندو ڏٺو ويندو هو.

يولس هڪ وڏي دڙي تي اچي ويهي ٿو ۽ سوچڻ لڳي ٿو" زندگي ڇا آهي، آهي بہ يا ناهي؟" ايتري ۾ اسڪائلس دڙي تي چڙهڻ لڳي ٿو ۽ اچي يولس جي پرسان ويهي ٿو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"اسڪائلس ! زندگي او..... هن پپر مان ڇڻندڙ پن مثل اٿئي، جيڪو ڦيرائيون کائيندو انهيءَ اونهيءَ کڏ ۾ ڪرڻ وارو آهي. تو ڪنهن واهه يا درياءَ ۾ ڪنير جي ڇڪ وانگر ڦرندڙ ڪُنُ تہ ڏٺو هوندو. جنهن جي چوڌاري ڪک، ڪانا گول چڪر ڪائي گهتون هڻندا، هيٺ. گهٽو هيٺ هليا ويندا آهن ۽ پاڻيءَ جي هڪ زوردار اڇل تي ٻاهر نڪري، وري پنهنجو سفر جاري رکندي، نظر ايندا آهن. تو اهي ڪک ڪانا بہ ضرور ڏٺا هوندا. جيڪي گوهي ڪري، ڪناري تي ٻيهي، پنتي موٽڻ جا بهانا تلاش ڪندا آهن، ائين جيئن ڪي نراس ۽ ماندا مسافر پنهنجن سائين ڪان اک بچائي، ڪنهن پٽ ڪي اوٽ ڪري، ڇيلهہ تي هٿ رکي، پنتيءَ واجهائڻ لڳندا آهن. اهي سڀ حيلا ۽ حادثا ماڻهو ۽ ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو ڪارڻ اٿئي. اهو ماڻهو جنهن جي زندگي وهندڙ پاڻيءَ وانگي وهندي، وهندي اڇي هٿ پهتي آهي. تو سورج گل ڪي تہ ڏٺو آهي، جيڪو سج ايرڻ ڪان سج لهڻ تائين سج مان اک ئي نہ ڪڍندو آهي، ماڻهوءَ جو فطرت سان بہ اهڙو ئي رشتو اٿئي. زندگي، جنهن فطرت جي هر شئي ڪي سونهن ۽ سچ سان مالا مال ڪري، امر بڻائي ڇڏيو آهي. ان ڪي رمتي بادل وانگي نہ سمجهہ. جيڪو ڪي گهڙيون وسڪارو ڪري، پنهنجو وجود وڃائي وڃندو آهي. هان، پر اهو سچ آهي تہ ماڻهو، ماڻهو جي جاءِ پيو والاريندو، ائين جيئن گهڙي ڪن لاءِ سج بادلن ۾ ٽبي هٽي، وري نڪري نروار ٿئي. ماڻهوءَ جي تخليقي عمل جو ڇنو پٽو مشاهدو ڪرڻو هجئي، تہ ڪنهن کوهہ مٿان ڦرندڙ مالهہ کي وڃي ڏس، جنهن جون خالي لوٽيون هڪ پاسي ڪان کوهہ ۾ داخل ٿينديون آهن، تہ ٻئي پاسي ڪان ڀرجي، پيون ٻاهر نڪرنديون آهن ۽ پاڻي پاڙڇ ۾ گڏ ٿي، نيسر مان وهندو، وڃي سلا ساوا ڪندو آهي، اسڪائلس! تون انهن لوٽين کي بہ ذهن ۾ رک، جيڪي سلا تہ ساوا ڪن ٿيون، پر پاڻ سدائين خالي رهڻ پسند ڪنديون آهن، ۽ هن ڦٽل شهر جي رهواسين تي بہ غور ڪر، جن جي ڪري هي شهر برباد ٿي دڙن ۾ تبديل ٿي ويو. ٻڌي ڇڏ، تہ هي دڙا اسان جي وڏن جي تباهڪارين جي جيري جاڳندي تصوير اٿئي. ان انساني نسل جا ماڻهو، جن اٺ ڪتابن جا تہ پڙهيا هئا، پر ڪڙهڻ سکيو ئي ڪين هئائون. سندن ماما پاڻيجا، چاچا، ياڻيا، سوٽ، ماسات سڀ جاون ۾ هوندا هئا. ڏاڏي امان ٻڌائيندي آهي، تہ سنديس نانُو ڪئريفان هن تَرَ جو وڏو تُجار ۽ ٺيڪيدار هوندو هو، جنهن جو پيءُ هڪ فرنگي آفيسر جي گهوڙن جو سئنس هوندو هو. اهڙو تہ اڇي ياڳ وريس، جو ٺيڪيداريءَ مان هزارين ايڪڙ زمين هٿ ڪري ورتائين. هن برباد ٿيل شهر ۾ ويهارو ڪن تہ سندس ڪوٺيون هونديون هيون، ڏهاڪو ڪن روسي ٽريڪٽر پيا زمين جون هيٺ، مٿاهيون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوشش ڪئي ويئي هئي. ماڻهن ۽ مارڪن تائين رسائڻ بدران رستي روڪ ڪري، خود پاڻيءَ کي به پياسو رکيو ويو هو. انسان جي سڀ کان پهرين لکيل تاريخ جا ورق ڦاڙيا ويا هئا. ڪاريگر جي ان تخليقي هٿ کي زخمايو ويو هو، جن ڪاٺ جي ٽڪرن مان ڦيٿو جوڙي، ڌرتيءَ تي انساني عقل ۽ ذهني ارتقا جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو هو.

ماڻهوءَ جي جسم مان رت چوسي، ڪيس ٻن ڇپن جي ٻيڪڙ ۾ بند ڪيو ويو هو. اڌ مئي انسان کي ڪنهن پٽ ۾ پوري، ٻهاري ڦيري، سندس رت ۽ پيرن جا نيشان ڊاٺا ويا هئا. ڪين اها خبر ڪين هئي، ته ڪو ساريشس ولائت جي ماڻهن جو قد هماليي جبل کان به وڏو ٿيندو آهي، جن جون اکيون وحشي هٽن کي نه فقط ڏسي سگهنديون آهن، پر اهي قدآور ماڻهو انهن وحشي هٽن کي ڪاٽي به سگهندا آهن. هن دڙي ۾ هڪ اهڙي عمارت جو ملبو به شامل اٿئي، جيڪا سڄي ساري ڪاشيءَ جي سرن جي جڙيل آهي."

يولس! وڏا جيري لاءِ ٻکريون کڻي ويا ۽ اسان آهيون جو جيئڻ لاءِ به جتن پيا ڪيون! تون چوندو آهين نه ته قومون پنهنجي ماضيءَ تي فخر ڪنديون آهن، پر اسان پنهنجي ماضيءَ تي اوترا ئي شرمسار آهيون. تون چوندو آهين نه، ته هنن دڙن ۾ دٻجي ويل ماڙين ۽ محلاتن جي سرَ سرَ ۾ انسان جو رَتُ، سَتُ رليل آهي! تون چوندو آهين نه، ته هنن بستين جا ماڻهو نه رڳو انساني قدرن جا عقاب ٻڌجي ويا هئا، پر سندن وس ۾ هجي ها ته هوند ڏٺ سان پريل ڏهرن کي به بغلين ۾ قابو ڪري، جبلن کي مٽو ڏيئي، آٽيو پنهنجين ماسين آڏو لاهين ها. اسان پنهنجن وڏن تي فخر ڪٽي نه به ڪيون، پر اسان کي پنهنجي ان فن، تهذيب ۽ ثقافت تي ضرور فخر ڪرڻ گهرجي، جيڪي هنن دڙن ۾ دفن ٿيل آهن. هنن دڙن جهڙا دڙا جتي به کوٽيا ويا آهن، اتان تهذيب ۽ فن جا بي بها خزانا نڪتا آهن ۽ اهي دڙا ۽ وستيون پوري دنيا لاءِ ڪشش جا مرڪز بڻيل آهن. هنن دڙن کي کوٽائڻ کان پوءِ اسان به دنيا جي نظرن جو مرڪز بڻجي سگهون ٿا.

اسڪائلس! پر هنن دڙن هيٺ دٻيل هرشيءِ پرائي اٿئي. ڪا هڪ به اهڙي شيءِ ڪانهي، جيڪا اسان جي پنهنجي هجي. اسان جي گذر ڪري ويل ڪاريگرن جي هٿ جو ڪمال هجي. منهنجو مطلب آهي ته هنن دڙن ۾ جيڪي به فن ۽ تهذيب جا خزانا لڪل آهن، سي سڀ جا سڀ هٽان جي رهواسين جي عقابي عمل جو نتيجو آهن. اسان فخر ڪيون ته ڇاتي ڪيون!

" يار! تنهنجن ڳالهين ته منهنجا لاهه ڪڍي ڇڏيا آهن، منهنجا ته لنگَ ئي ڪانڊارجيو وڃن."



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڏامڻ لڳا. ڪازن توتارا وڄايا ۽ پکين تلاءَ تي حملو شروع ڪري ڏنو. ڪن پکين تلاءَ تي پٿرين جا وسڪارا لاٿا تہ ڪن لوڻ ۽ هيرڻ جي ڪڪرين جا ڪرشما ڏيکارڻ خاطر لڏڻ مٿان نيسارا وهائڻ شروع ڪيا. پٿرين ۽ لوڻ - هيرڻ جي ٻنهي عمل ڪان پوءِ لڏڙا تلاءَ ۾ اونڌا لڙهڻ لڳا. سج ڪيرٿر جي جبلن ۾ ٽبي هٽي ويو. ڪازن توتارا وڄائي جنگ بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ سڀ پکي سڄي ڏينهن جي هڻ هٽان ڪان پوءِ تلاءَ تي پنهنجي جنگ جاري رکڻ لاءِ اوسي پاسي وڻن ۾ واهيرا ڪري صبح جو انتظار ڪرڻ لڳا. ڪي پکي تہ زمين ڪي گلن جو وڇاڻو ڇٽي، جتي بہ آيـن اتي آرامي ٿيا. درياهہ، واهڙن ۽ ڍنڍن جا پکي بہ پنهنجن پنهنجن آستانن ڏانهن روانا ٿي ويا،

رات ڪٽڻ لڳي ۽ ائين هڪ نئين صبوح جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا. پرهہ ڦٽي پئي، ڇڻ وسڪاري ڪان پوءِ ڪنهن ٽريلڻ ڇُوڙن ڪي سِرڪائي ڇاول ڪير جي ڇاڏيءَ تان ڍڪڻ لاٿو. اوپر تي ڪير جا مٿ هارجڻ لڳا ۽ پوءِ جيئن جيئن سج مٿي چڙهندو ويو تيئن، تيئن پکين ڪي واريءَ مٿان لڏڙن جي پيرن جا نيشان ۽ سندن ڍڍرين جا پٽا صاف ۽ چٽا نظر اچڻ لڳا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اچو پاڻي، لڙ ٿيو

” خبردار! متان منهنجي ٿڙ ۾ رهيل سهيل هيءَ آخري ڏار وڍين. صبر جي بہ ڪا حد ٿيندي آهي، مون گهڻو صبر ڪيو آهي. هر ڀيري مون احتجاج ڪيو آهي، جنهن جا پڙاڏا ۽ پڙلاءَ اڄ بہ جڳ وارا پيا ٻڌن. جڏهن، تڏهن منهنجن زخمن چٽائڻ بدران، منهنجن گهاوَن کي گهرو پٽي ڪيو ويو آهي. جڏهن بہ ڪنهن غنيم کي هن ڌرتيءَ ڏانهن ڏوڪيندو ڏسي ڪا دانهن ڪئي اٿم، ڪو آواز اٿاريو اٿم تہ ان منهنجي آواز کي منهنجي سرڪشي سمجهي موٽ ۾ منهنجي ڪنهن نہ ڪنهن ڏار يا لام کي مون کان زوريءَ جدا پٽي ڪيو ويو آهي. رمضان ! تون وري بہ آيو آهين منهنجن ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ. منهنجي هن ڪُچليل ٿڙ تي بيٺل منهنجو هي آخري ڏار آهي، جيڪو تو کي وڍڻ ڪو نہ ڏيندس. ڏسين نٿو تہ هن ڏار ۾ ڪيترائي پکي آکيرا ٺاهي ويٺا آهن. ڏار کي ٿڙ کان جدا ڪري، تون انهن پکين جي آسن اميدن جو خون ڪرڻ ٿو گهرين! منهنجن ساون پنن متان تو کي هيءَ ساوا پيلا منجر جا ڇڳا نٿا وٺن؟ اڄلائي ڇڏ پنهنجو ڪهاڙو، پڇي وڃ مون کان پري“.

ڪندي جو وڻ يڪي ساهيءَ جهيڙي واري انداز ۾ ڪاڪي رمضان سان ڳالهائيندو رهيو. ڪاڪي رمضان وراڻيو:

” ادا ڪنبا! تنهنجي هر ڳالهہ هر مسئلو سمجهان پيو. مان بہ تہ آخر هنن ئي ماڳن، مهاڳن ۾ سالن کان پيو رهان. تو کي وڍڻ ڪانسواءِ ٻيو مان ڪري بہ ڇا ٿو سگهان! هي تنهنجو ڏار وڍي، ڏکڻ کان ترائي ترڇائي ڇپري لاءِ لاٽڻ نهرائڻي اٿم.“

” پاڻ متان ڇپري اڏڻ لاءِ سوچڻ سان گڏ هنن آکيرن جي باري ۾ بہ سوچيو ٿئي، رمضان؟ تو کي هڪ لاٽڻ کپي. خبر ٿئي تو کي گهڻن آکيرن جون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڀر ٿي، پاڻ استعيفا ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو هو. ڪاڪي رمضان جا هٿ ڏڪڻ لڳا، متو ڦرڻ لڳو ۽ سندس هٿن مان ڪهاڙو ڪري پيو. هن ڪِري پيل ڪهاڙي ڏانهن ڏٺو ۽ تيزيءَ سان ڪهاڙو کڻي ورتائين. ڪنڌي ڪان سڌ ڀِنڊ تي ڳوٺ جي پرسان صوفين فقيرن جي ڇوسول واري وڏي دڙي تي بيهي ڪهاڙي کي منهن سامهون ٻنهي هٿن ۾ جهلي وٺي سڏڪيائين. اعلان ڪيائين، جنهن تي اک ڇنڀ ۾ ڳوٺ جا ماڻهو هٿن ۾ مشعلون جلائي، هٿيار بند ٿي، ڪاڪي جي چوڌاري ڪٺا ٿيندا ويا. جيڪي پوءِ ڪاڪي رمضان جي سرواڻيءَ ۾ اتر پاسي روانا ٿي ويا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

" ٺيڪ آ سر! ٺيڪ ٺاڪ پيو لڳي! ڇا مطلب ؟" ان وقت شاگردن جو هڪ ٽولو آفيس ۾ داخل ٿئي ٿو. وي سي صاحب ڪين اڳين ڪرسين تي ويهارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پر ڪجهه شاگرد پٺين ڪرسين تي ئي ويهي ٿا وڃن. پنهنجي غصي کي هلڪڙن ٽهڪن ۾ لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي، وي سي صاحب شاگرد برادريءَ سان مخاطب ٿئي ٿو:

" بابا! خوش آهيو نه؟ توهان به خوش آهين نه هرڪولس! مون کي پڪ هئي ته اوهان منهنجي سڏ کي ضرور لبيڪ چوندؤ. بابا! حالتون تيزيءَ سان بدلجي رهيون آهن.

اڄوڪي ماڻهوءَ کي مجبور ٿي درجن کن صديون پٺتي موٽڻو پيو آهي. خبر اٿو نه. ته ڪجهه خود سر ڇورن جو ٽولو زندان مان اجان سوڏو ٻاهر نه نڪتو آهي. ٿي سگهي ٿو ته اهڙن مت موڙهن ڇورن جا پساهه اتي ئي پورا ٿي وڃن. اوهان سياڻا ٿيو. اسان جو ساٿ ڏيو. اجايون سجايون اڏنگيون ڳالهيون ڇڏي ڏيو. يونيورسٽيءَ کي مائي ڪالڪان وارو ٻيلو نه بڻايو. درسگاهن کي موالڪن آکاڙن ۾ تبديل نه ڪيو. ماڻهو ٿيو ۽ ماڻهپو سکو ۽ احمقاڻيون ڳالهيون ڇيڙي، هڪ قوم ۽ هڪ ٻوليءَ جا هوڪا نه هلايو"

هڪ شاگرد اٿي ورائيو:

"وي سي صاحب! اڄ کان ڏهاڪو کن سال اڳ ان سبق جا شروعاتي باب تو پاڻ به ته پڙهڻ ۽ پڙهائڻ شروع ڪيا هئا! اسان ته تنهنجي پٺيءَ تي لڪيل جملن کي رڳو دهرايون پيا!!"

وي سي صاحب: " اوهان تعميري ڪمن کي ڇڏي وتو ٿا بيٺل ديوارين کي ڪيرائيندا!"

ٻيو شاگرد:

" تو پاڻ انتظار جي شدت محسوس ڪندي چيو هو ته اها مومل واري ڪاڪ الائي ڪڏهن ڪرندي، اهو مقصد وارو مينڌرو الائي جي ڪڏهن ملندو!"

وي سي صاحب:

" اوهان وڏڙن جي Code of life کي وساري، وتو ٿا Isms جو ڪفراٽو وڪر وهائيندا. "

ٽيون شاگرد:

" راڻا! ڇا اها رمز به تون ڀُلي چڪو آهين! تو پاڻ ته چيو هو: منهنجو مذهب ماڻهپو آهي"

وي سي صاحب غصي ۾ غش ٿيڻ تي لڳي. پويان ويٺل هڪ شاگرد ڳالهائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، جنهن کي وسي سي صاحب جي پر ۾ ويٺل ٽلهو متارو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(1) نوڪرين بچائڻ خاطر اسان شاباس جي هر لفظ تي صدقي جا ٻڪرا ٻڌجي، مقدس درسگاهن ۾ تعليم ۽ تربيت حاصل ڪندڙ سڄاڻ قوم جي سڄاڻ ٻچن کي ظلم جي گهاٽي ۾ پيڙهڻ ۽ پيڙائڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهيون. اسان جي ان عمل کان ڪو بہ انڪاري نٿو ٿي سگهي

(2) اسان پاڻ کي ذات جي خول ۾ بند ڪري، انفراديت ۽ شخصيت جي وهڪري ۾ وهي، اجتماعي مسئلن کي پٺي نظر انداز ڪيو آهي ۽ ائين پنهنجين پيشانين تي غداري جون ليبلون لڳايون آهن.

(3) ڪن اجتماعي ۽ معروضي حقيقتن کان ڪن - لاتار ڪري، اسان پنهنجي قوم ۽ ديسواسين سان ڪلر ڪلايو منافقي ۽ نااهليءَ جو اعلان پٺي ڪيو آهي.

(4) اسان درگاهن جي تقدس کي پيرن ۾ لتاڙي، ڪوڙا پروانا ۽ سندون جاري ڪري، پروانن جي تقدس کي پيرن ۾ پٺي لتاڙيو آهي. انهن سندن کي هر چوُسول تي تيلي ڏيئي ساڙي ڇڏڻ سان ئي اسان جي پيشانين تان غداري ۽ گناهن جا داغ صاف ٿي سگهندا.

(5) ڏنڊن، ڪوندن ۽ هٿيارن جو عام استعمال ٻڌائيٺو تہ شاگرد ڪميونٽي وڌ ۾ وڌ نااميدي (Frustration) جو شڪار ٿي چڪي آهي. پاڻ کي بي خبر ۽ Abnormal ٻڌائي، غم غلط ڪرڻ ۾ ئي وقتي ڇوٽڪاري جو راز سمايل آهي.

(6) ڪي شاگرد پوسٽ گريجوئيٽس ۽ پي ايڇ ڊي جي امتحانن مان فارغ ٿيڻ وارا آهن، جي پنهنجن سندن Certificates جو انتظار ڪري رهيا هئا. هن وقت هو عالم ۽ فاضل ٿي چڪا آهن. قوم جي انهن ٻچن سامهون ڪو وڏو قومي مسئلو آهي، جنهن کي اسان بيورو ڪريسيءَ جي پوڄارين اجان سوڌو نہ سمجهي سگهيو آهي. قوم ۽ ڌرتيءَ جي حوالي سان مٿن ضربن تي ضربون لڳائڻ بدران، ڪين همٿائڻ ۾ ئي اسان سڀني کي ڇوٽڪاري جي واٽ ملي سگهي ٿي.

گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيندڙ سڀني جون نگاهون نئين چارٽ پڙهڻ لاءِ اجان پت تي ئي ڪٽل هيون، جو هرطرف کان" فتح" مڪمل فتح" جا نعرا گونجڻ ٻڌن ٿا. وي سي صاحب جي آفيس ۾ نيرين ٽوپين ۽ مليشيا ڪپڙن وارا ماڻهو لنگهي اچن ٿا. جي وي سي صاحب جي هٿن ۾ هڪ خط ڏين ٿا. ان خط کي ارسطو پس پڙهي بہ رهيو هو تہ ڏڪي بہ رهيو هو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بہ ڏسڻو پوندو آهي. منهنجو مطلب آهي تہ ٻاهريون ڏيک ويک، لوڏ ۽ لباس، ڪردارن کي پرکڻ جي ڪسوٽي ڪافي نہ هوندي آهي."

ڪانءَ جا ٻول ٻڌي، عقاب اڪين مان ڇپيون ڪڍڻ لڳو. چي: "ڇٽبو تہ منهنجو ڪردار توکي پسند ناهي. واهہ جو تو سالن جي دوستيءَ جو ڀرم رکيو آهي! خبر نٿي پوي تہ توتي اڄ الائي ڪهڙي وڻ جو پاڇو پيو آهي!! مون کي تنهنجي دوستيءَ تي ڪيڏو نہ فخر هوندو هو."

" فخر هوندو هو نہ، پر چوءُ تہ فخر آهي....."

ڪانءَ عقاب جي ڳالهہ ڪٽيندي وراڻيو.

عقاب ڳالهہ جاري رکندي چيو:

" اڄ بہ روءِ زمين جي ستن ئي بادشاهن ۾ اوپر ڪان اولهہ ۽ اتر ڪان ڏکڻ تائين رڳو پنهنجي دوستيءَ جي پچار پئي هلي -"

ڪانءَ جواب ڏنو:

" او ڇريا! ڪير ٿو چوي تہ اسان دوست ناهيون. ماحول ۽ حالتن تي پاڻ ۾ بہ بحث نہ ڪيون تہ پيو پلا ڪنهن سان وڃي ڪيون. جاني! اجتماعي مفادن تي ڳالهائيندي ڪڏهن ڪڏهن ذاتي ڪردارن جي بہ چند چاڻ ڪرڻي پوندي آهي. ڳچيءَ ۾ ور وجهي، پري منهن ڪري نہ ٻيهہ. مون ڏي ڏس ۽ روز جيان اڪ پيچي مون ڪان زوريءَ وهوا چواءِ."

اهڙي نموني ڪانءَ پنهنجي دوستاڻي رشتي کي برقرار رکندي، عقاب جي ڪاوڙ ختم ڪري ڇڏي.

عقاب ٿڌو ٿيندي وراڻيو:

" تون بہ ڇڏ نہ هاڻي چند چاڻ واريون ڳالهيون. ٻڌاءِ تہ اڄ ڪيترن ماڻهن کي خط پهچائي، سندن ڏکندا ڏور ڪيا اٿئي؟"

ڪانءَ وراڻيو:

" خبر اٿئي تہ اڄ - ڪلهہ **ڳار جيا** ٻيڻن تي ڪارن ۽ گورن ۾ هر روز ڪيڏي ڇڪتاڻ وڌي رهي آهي. گذريل بہ سؤ سالن جي لاڳيتي ويڙهاند ۽ رساڪشيءَ ڪان پوءِ مس مس وڃي **فورنيا** ٻيڻن تان **سلطان مائوس** ۽ سندس سلطاني راڄ کي ختم ڪيو ويو آهي ۽ هاڻي وري ڪارن ۽ گورن وارو مسئلو هر ڪنهن جي ڏيان جو مرڪزي نقطو بڻيل آهي. خبر ٿئي، گذريل ٻن مهينن ڪان پورن پنجن هزارن ڪارن جا سر قلم ڪيا ويا آهن. وڏين وڏين طاقتن ۽ ڪارن گورن جي خاص نمائندن وچ ۾ صلح صفائيءَ جون ڳالهيون هلي رهيون آهن. ان ڪري سيني سينئر ۽ ڪجهہ پينشن تي ويل قاصدن - ڪانگن، ڪبوترن - کي ٻيهر نوڪرين ۾ رکي، ڳارجيا ٻيڻن جو سمورو انتظام سندن حوالي ڪيو ويو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. ٽياڪڙن ۾ گورن توڙي ڪارن جي نمائندن کي وقت سر ٽپال پهچائڻ جا خاص انتظام ڪيا ويا آهن." ڪانءَ عقاب کي وڌيڪ ٻڌايو ته بهترين خدمتن جي ڪري، کين سونا ٻلا به ملي چڪا آهن، جن ۾ ريشم ۽ سنبل جي ڪپهه مان ٺهيل هڪ پنج - پَري ۽ چانديءَ جو هڪ وڻ ۽ ان ۾ ٺهيل سونو آکيرو به شامل آهي.

عقاب پنهنجي دوست جي انعامن تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪانءَ کي چيائين ته سفارش ڪري کيس به ساڳي ئي ڪر تي لڳرايو وڃي. عقاب ڪانءَ کي يقين ڏياريو ته هو ڪوشش ڪري، سندس سٺن مددگارن ۾ نالو ڳڻائيندو."

عقاب وڌيڪ چيو:

" دوست! منهنجو ڪردار هونءَ به تو کي ڪو نه وڻندو آهي. نه تون چنبا - چاڻ جو نالو وٺندين ۽ نه وري مون کي پنهنجو منهن سجائڻو پوندو. تون پاڻ به ڏسين پيو ته مان پوڙهو به ٿي چڪو آهيان. منهنجا کنڀ به کسڻ لڳا آهن ۽ مون ۾ هاڻي ايڏي سگهه به نه رهي آهي جو آزاد فضائن ۾ ڦڙڪي، توکان مون کان شڪار يا پرائي ماري کسي پنهنجو پيٽ ڀري سگهان. هونءَ اسان عقابن جي اڏام ۽ رهائشي ڪالونين جي توکي به خبر هوندي. ڪن مشهور وڏن شاعرن جو چيو وني، سلطاني قصرائن کي ڇڏي، اسان وجي پهاڙن جي چوٽين تي" نشيمن" جوڙيا آهن. مخالف طرفن کان لڳندڙ تيز هوائون اسان کي هيٺ ڪيرائڻ بدران مٿي، گهڻو مٿي وني ويندڙيون آهن. آخر اسان شاهين به ته آهيون نه ! ان ڳالهه جي توکي جيڪڏهن تصديق کپي ته پوءِ ڪنهن ڪکن ڪانن ۽ گاري ڳچ مان ٺهيل جهوپڙيءَ تي نه، پر ڪنهن وڏي رنگ - محل جي ڪنهڙي تي وجي ويهه. ڪنهن نه ڪنهن مهل ڪنهن وڏي شاعر جي شاعريءَ جون به چار سٽون ضرور ٻڌي وٺندين، جنهن مان تو کي منهنجي نشيمن ۾ آسماني پرواز جي پروڙ پئجي سگهندي.ان ڪري ئي ته عقاب سان گڏ مون کي ڪيترن ئي شاعرن شاهين جي لقب سان به ياد ڪيو آهي. هان. تو کي هي ٻڌندي اجا به وڌيڪ خوشي ٿيندي ته مون کي پرمار به چوندا آهن. چريا! جوانن جا لقب جيترا گهٽا اوترو سٺو. اها توکي خبر پوڙهي ٿيڻ کان پوءِ پوندي. اڙي هائو تنهنجا به ته ڪيترائي لقب آهن! توکي ڪانءُ، ڪانءَ سان گڏ ڪارو، ڪانگ، ڪانگو، ڪانگل، ڪنياتو، ڏاهو به ته ڪوٺيو ويندو آهي. هر ڪنهن کي اهڙا لقب ڪو نه ملندا آهن يائو! اهي اسان، تون ۽ مان ئي خوشنصيب آهيون - ڪانگ ۽ عقاب."

ڪانءَ وراڻيو:

" ڇڏيو تون اجا لقب ۽ لباسن جي خول ۾ بند آهين! تو اجا "انائيت" کان جان نه ڇڏائي آهي!! توکي اجا به وڌيڪ هبي تبي ڪرڻ کپي."" نه نه دوست ڇڏ ان ڪٽ ڦٽ کي ٻڌاءِ ته ٽپال کاتي ۾ تو مون لاءِ ڪهڙي سفارش ڪئي آهي؟"



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪارن ۽ گورن جي نمائندن ڪي صلح نامو نہ ملڻ ڪري ڪين ڪافي شڪ ۽ گمان پيدا ٿيا. عقاب جي وحشي ڪارروائن ڪري سندس دوست ڪانءَ ڪافي پريشان نظر اچڻ لڳو. جنهن ۾ سندس خاص ۽ اهم ڪارناما بہ لوئجڻ لڳا. ايتري، قدر جو مليل سونا ٻلا ريشم ۽ سنبل مان جڙيل پنج - پري، چانديءَ وارو وڻ ۽ ان ۾ ٺهيل سونو آکيرو ڪيس ننهن ڪان چوٽيءَ تائين چڪ پائي رهيا هئا. ان ڪري ڪانءَ پنهنجي خاص مددگارن کي ساڻ ڪري، پنهنجي دوست عقاب جي ڳولها ۾ نڪري پيو. عقاب جهنگ جي ڪن ڪمزور جانورن کي ٿونگاري، مٿل ڪوئن کي ڪائڻ شروع ڪيو هو. ڪانءُ ۽ سندس مددگار تلاءَ تي لڙهندڙ ٽپال جي ٿيلهيءَ کي ڏسي، جيئن هيٺ لهي رهيا هئا تيئن، هنن بندوق جي ٺڪاءَ کان پوءِ زمين ڪان چار پنج فوٽ مٿي پوري ناسي رنگ جا کنڀ اڏامندا ڏٺا.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي اهڙا ماڻهو بہ هوندا آهن، جي اڪ ڇنبي ۾ ٽڙي پکڙي پنهنجن، پنهنجن وٿاڻن ڏانهن واپس ورڻ لڳندا آهن."

" هائو، تہ پوءِ ڪالڪان! زبان چڪ ۾ ڪري اهي گهرن ڏانهن واپس موٽندڙ ماڻهو اصل حقيقت جي ويجهو اٿئي. ڪين خبر آهي تہ اصل ڏوهي ڪير آهي. ڪين اها بہ سڌ آهي تہ عشق ۽ حسن ڇا ٿيندو آهي. جذبات ۽ جنون ڇا ٿيندو آهي. ڪين خبر آهي تہ ميهار ڇوڻ خاطر ڇيو هو ۽ نہ ڪري ڏيڪارڻ لاءِ. ميهار مرڻ جي ڳالھ ڪئي هئي، نہ مارڻ جي. ميهار ٻڏڻ جي ڳالھ ڪئي هئي، نہ ٻوڙڻ جي. عجيب مخلوق آهي جا هن صديءَ ۾ بہ چوي پئي، تہ درياھ دادلي ڪي سڪائي ٻيلاٽيون ڪرڻ وارو ميهار آهي! ميهار تہ پاڻيءَ ڪي لوهن پنجرن ۾ ڦاسائڻ لاءِ ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو نہ وري مهراڻ جي لهرن ڪي پڪي سمجهي، تاڙي وڃائي، اڏائي ڇڏيو آهي، ڪالڪان! ڪن کولي ٻڌ:

" هن مهراڻ جي مانداڻ ڪي سئيءَ جي پاڪڙي مان وهائڻ لاءِ متس ڇپي، ڇپي لوها چار وڇايا ويا آهن. مهراڻ جي پاڻيءَ ڪي اصل ماڳن ۽ مڪانن کان پري رکڻ لاءِ ڪوڙڪن ۽ دٻهڙن ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ ڪالڪان! تون پوءِ بہ نٿي سمجهين تہ ڏوھ جو اصل ڏوهاري ڪير آهي! ڪالڪان! هيءَ تہ موج پريو مهراڻ آهي، پر هن وقت تائين پٽن ۽ پاراتن سان واهڙ تہ ڇا، پر ڪنهن واهيءَ ڪي بہ ٻيلاٽيون نہ ٻڌايو آهي. عجيب مخلوق آهي، جا زندگيءَ جي هيڏي وڏي سفر ڪرڻ کان پوءِ بہ ممڪن ۽ ناممڪن ڪي نہ سمجهي سگهي آهي! پر ڪالڪان! ٻڌاءِ تہ تو ڪي ڳـلن تي اهي جهريون ڪيئن پئجي ويون آهن؟ تون وقت کان اڳ ڪراڙي ڇو پئي لڳين؟"

"ڏاڍو ڪو ٻالو پولو آهين ميهار! سچي حقيقت تنهنجي آڏو هڪ ڪليل ڪتاب وانگي کلي پئي آهي ۽ پوءِ بہ مون وٽ تون سوال جي نشاني بڻجي آيو آهين! ميهر! تنهنجي وڃڻ کان پوءِ هتي الائي تہ ڪٿان، ڪٿان جي ڪـت خلق اچي ٺٽي آهي، جنهن اچي جو سنڌوءَ جي ٻنهي پرين جي ٻيلن ۾ ساٺو ۽ ود- ٺڪ وڌي آهي، جو نہ ڇڏي اٿئون ڪا سڌي ڪائي! ڪهڙيون ڳالهيون ٿو پڇين، ميهر! ڏسين نٿو تہ ٻيلن جي شهزاديءَ هاٿي اچي هنن جهڪٽن ۾ پناھ ورتي آهي. ڦولن ديوي هاٿي پنهنجن هٿن ۽ پيرن مان ڪنڊا چونڊي رهي آهي. مان تہ انهيءَ عجيب مخلوق جي ٻولي بہ ڪا نہ ٿي سمجهي سگهان. بس، ڪنن ۾ آڱريون ڏيئي، پئي ٿي وقت گذاريان" " بس ڪر ڪالڪان! بس ڪر. مان سڀ ڪجھ سمجهي ويو آهيان. مان توکي رڳو اهو ٻڌائڻ ٿو گهران تہ مان سڌو سنئون ڪيلاش ۽ مانسرور کان پيو اچان، جتي سنڌوءَ ڪي هر ٻارهين مهينين نئون جنم ملندو آهي، جتي پٿر برف جو لباس پهري، رقص ڪندا آهن،



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جتي جهرٽا ساز ڇيڙي، سنڌوءَ جو جنم ڏينهن ملهائيندا آهن. مون سوچيو هو تہ هتي پهچي سنڌوءَ جو جوين ڏسندس. ڪنهن وچير تي ويهي، سنڌوءَ جي سير اکري، وجي سهڻيءَ وارو گهيڙ ڏسي ايندس. مون سوچيو هو تہ اڄ بہ سنڌو پري وهندي هوندي، جنهن وچ ايشيا جي ماڻهن کي پوڄاري بڻايو هو. جنهن سهڻيءَ جي جسم کي ڇهيو هو، جنهن کي مون ڏسي ورتو هو. اها سنڌو جنهن لاءِ سهڻي لطيف چيو هو.

" دهشت دَمِ درياهہ ۾، جت جايون جانارن
نڪو سنڌو سير جو، مُپ نہ ملاحن
درندا درياهہ ۾، واڪا ڪيو ورن
سچا ٻيڙا ٻار ۾، هليا هيٺ وڃن
پر زو پيدا نہ ٿئي، تختو منجهان تن
کو جو ٿهر ڪنن ۾، ويا ڪين ورن
اتي اٽتارن، ساهڙ! سير لنگهاءِ تون"

" پر ميهر! هاڻي ڇا ڪجي! ماڻهو بنا پاڻيءَ مڇيءَ وانگر ڪيستائين ڦٿڪندا رهندا! هي تڙ ڪيستائين تاسارا رهندا" ڪالڪان! تاريخ جو ڦيٿو ڦرندو رهندو. ڪيس روڪڻ جي جنهن بہ ڪوشش ڪئي آهي، اُن پنهنجا هٿ وڍايا آهن. سچ کي بوتل ۾ وجهي مٿائونس تري ڏيئي، ڪيستائين بند ڪري سگهبو ڪالڪان! جڏهن اهڙيون حالتون پيدا ٿينديون آهن. تہ اهي حالتون پاڻ سان گهڻو ڪجهہ کڻي اينديون آهن. پاڻ سان کڻي وڃڻ بدران، اهي حالتون ڏيئي گهڻو ڪجهہ وينديون آهن. اهڙو عمل شروع ٿي چڪو آهي. اُهو ڏينهن جلدي اچڻ وارو آهي، جڏهن سنڌو وري ڪنن ڪر وهڻ شروع ڪندي، سڪاٽي ساندارا ڏيندا هي تڙ آباد ٿيندا. سنڌو پريون پائيندي، وَهون ويٺا جهلنديون، ناڪئا ڪُنن جي ڪڙڪن تي نندون ڪندا، نوريون ناز ڪنديون. ڪالڪان! هن منهنجي لٽ ۾ وڏي طاقت اٿئي. هيءَ لٽ ان وڻ مان ڪپيل لٺ آهي، جيڪو سنڌوءَ جو پاڻي پيئندو رهيو آهي. هيءَ لٺ هتان جي ماڻهن جي لٺ آهي. مان هن ڦنل دڙي تي بيهي، هن سانير کي هن لٺ سان وڄائي، ڪيئي اعلان ڪرڻ وارو آهيان، پوءِ نڪاءِ ٿيندا.... نا. ...نانا... نا..... دانهون....ڪوڪون.....هُلَ....هاگاما....پاڻيءَ جا بند خلاص ٿيندا. لوها پنجوڙ ۽ فولادي پڃرا پرزا، پرزا ٿيندا. پاڻيءَ کي سوين رستا ۽ گس ملندا ۽ پوءِ مهراڻ گهنڊ گهڙيال وڄائيندو. پنهنجن اصل ماڳن ۽ مڪانن ڏانهن ڏوڪيندو ايندو. جڏهن سنڌوءَ ۾ ڀريان ڇاڻا وهي ايندا ۽ ڪالڪان!سنڌ جا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻهو تو ڪي سڃاڻي وٺندا، ته پوءِ سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ تي بيهي، مان وري ٻه ساڳيون ئي سٽون ورجائيندس:

واهه! وهين مَ شال! سُکي ٻيلا ٿيون ٿئين.
پَسان تنهنجي پيٽ ۾، لاڙا، لوٽ، ليار
جيئن تو سڀ ڄمار، آسائتيون ٻوڙيون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پاڇائي

ساران ! هن سهائي رات ۾ تنهنجو مونسان ملڻ ائين آهي، جيئن سند - ساگر جو سنڌوءَ سان سنگم - تون منهنجن ٻانهن تي ليٽيل هوندي آهين تہ هن باغ جا وڻ بہ مونسان ڳالهائڻ لڳندا آهن. تاريون ڦهلائي، اسان ٻنهي کي لڪائي ڇڏيندا آهن.

تارا چنڊ کان ناتو ٽوڙي، انبن جي جهڳٽن مان لياڪا پائي، اسان کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اسين ڪائنات کي حسين لڳندا آهيون ۽ ڪائنات اسان کي. تون اڌ جو ڪپرُ وٺي چانوري مان سڪل پنن تي پير پير ۾ پائي جڏهن مونڏانهن ايندي آهين، ان وقت ائين لڳندو آهي، ڄڻ فطرت ڇيريون پائي نچڻ شروع ڪيو آهي. ساران! تون هن گلاب جي تاريءَ کان بہ وڌيڪ حسين آهين. هر روز صبح جو مان جڏهن هن باغ مان لنگهندو آهيان تہ گلاب جا گل رات جا قصا ڇيڙي، اسان کي وري اچڻ جون دعوتون ڏيندا آهن. چوندا آهن تہ منجهند رنگ پرڻ واري مون واري ساران تہ آهي. نرگس جو گل آڌرياءَ ڪندي، چوندو آهي، آءُ ساران جي نيڻن جو ديدار ڪندو وڃ - انب چوندا آهن: تہ ساران جي وڇوڙي ڪين زرد ڪري ڇڏيو آهي. ساران! ان وقت منهنجو چهرو بہ سڪل سورج - مکيءَ جهڙو ٿيڻ لڳندو آهي ۽ پوءِ ساران ! تون شبنم جي قطرن مان پاڻ پسائيندي آهين. پر، ساران! ڪن وٽن کان اڪ ٻچائي، ٽڪريون، ٽڪريون پرانگهون هٽي گذري بہ وڃڻو پوندو آهي. اهي باغ جي چوڌاري بيٺل ٻيرن جا وڻ راڪا ۽ رکوال ٻڌجي چوندا آهن، تہ اهو مان آهيان نہ، جنهن کي هنن رات بہ ڦلاٽي انب هيٺان ڏٺو هو. سيلها ڪنڊا ڏيکاري ٻير جا وڻ ڏيڇارڻ لڳندا آهن. چوندا آهن: پڇي وڃ چور! نہ تہ ڪيونءِ ٿا پاڳين سان ڳالهہ.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عارب چڱو خاصو پڙهيل ڳڙهيل هئڻ ڪري پنهنجي ڳوٺ کان ٽي، چار ميل پري هڪ انگريزي اسڪول ۾ ٻار پڙهائيندو هو. ساران جو پيءُ ڳوٺ واري وڏيري وٽ نوڪر هو. اها نوڪري سندس پيءُ جي لاڏاڻي کان پوءِ وڏيرن وٽان ڪيس ورثي ۾ ملي هئي. اوطاق ۾ وانگار جون مانيون ڍوئيندي، ساران جي پيءُ جي گنجي ٽڪڻ تي ڪارو داغ ٿِي پيو هو. هڪ وڏي ڪاري تس تي رکيل ٻوڙ جا ڏونگها ۾ مانين جا ٿها ڍوئيندي، ساران جو پيءُ اڃي پنجاه سالن جي عمر ڪي رسيو هو.عارب جو پيءُ ڳوٺ واري مسجد جو ٻانگو هو. جنهن ڪري سندن گهر ۾ ساڳ پليءَ ڪانوٽي زردي پلاءَ تائين خيرات جون مانيون ڏسڻ ۾ ايندين هيون. اهو ئي سبب هو جو مُلان مٺي ليلن جي ڳوٺ ۾ ٻانگي ٿيڻ لاءِ وڏيري کان سفارش ڪرائي هئي.

سڄي ڳوٺ مان عارب ئي هڪ خوشنصيب هو. جنهن کي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ جو موقعو مليو هو. وڏيرڪو ڇوڪرو مئٽرڪ تائين پهتو تہ ڇيهہ ڪيائين نہ تہ ٿيو پلو. وتندو پنهنجين پراين زمينن جي پلتار ڪندو. يا ميلا ملاکڙا گهمندو. پڙهڻ واري زماني ۾ عارب جڏهن ڳوٺ ايندو هو تہ ڳوٺ وارا متس گهور پيا ويندا هئا سواءِ ڳوٺ واري وڏيري جي. ڪڏهن ، ڪڏهن تہ وڏيري جي عتاب ڪري عارب کي پنهنجي ئي گهر ۾ چور بڻجي اچڻو پوندو هو. ڪيئي دفعا وڏيرو پٽس کي هبي تبي بہ ڪري چڪو هو. لالچ ڏيندي، عارب جي پيءُ کي ائين چيو ويو هو تہ پٽ کي پڙهڻ ڇڏراءِ تہ شرن واري ڪيٽيءَ تي ڪمدار ڪري رکانس. نہ سندس ابو پڙهيو نہ ڏاڏو. پوءِ تنهنجي ان نکر پٽ عاروءَ جو ڇو خانو خراب ٿيو آهي. کهڙو بابُو بڻجي ريلون هلائيندو؟

ساران فقط پنج درجا سنڌيءَ جا پڙهي سگهي هئي سو بہ تڏهن ، جڏهن زوري تعليم وقت وڏيري جي ڳوٺ ۾ پهريون دفعو اسڪول کولايو ويو هو. جيڪو پوءِ وڏيري صاحب بند ڪرائي ڇڏيو هو. وڏيرڪي حويليءَ ۾ اوطاق مان ساران کي جيڪو بہ ڪتاب هٿ لڳندو هو. سو پڙهي وٺندي هئي. ڪڏهن ڪو ڪتاب ساران گند جي ڍير مان بہ ڳولهي ڪٽي ايندي هئي. ويتر عارب سان پيچ پوڻ ڪري، عارب بہ اچي ڪيس ادب، تاريخ ۽ شاعريءَ جا ڪتاب ڏيندو هو. ساران پئي پڙهندي هئي، پوءِ ڪا ڳالهہ سمجهي يا نہ سمجهي. ايترو ضرور ٿيو جو جوڀن تي رسڻ تائين عارب جي ڏاهپ پرين ڳالهين ۾ مطالعي ڪري ساران ۾ ڪافي شعور ۽ جذبو پيدا ٿي پيو.

عارب ۽ ساران جي پريم ڪهاڻي هڪ سادي سودي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ذاتي ڪوشش ۽ جاکوڙ جو معمولي دخل هو. شام ويلي ڳوٺ واري وڏي باغ مان عارب جڏهن انب وٺڻ ويندو هو تہ هو اڪثر ساران کي ڏسندو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حسن جي درٻار ۾ محبت جا اعلان ڪندا هئاسين. تو وانگر سيفل ٻـ منهنجن وارن ۾ رابيل جا گل لڳائيندو آهي.“

جذبن تي غالب ٿي. هي پيار ڀريا ڊائلاگ سيفل بيڪ گرائونڊ ۾ ٻڌي رهيو هو. عارب ٿيلهي مان رئو ڪڍي، ساران جي مٽي تي رکيو.

سيفل تاڙيون وڄائيندو اندر آيو.

تاڙين جي گونجار ۾ عارب، سيفل کي چيو:

” سيفل! اڄ تہ تو کي پنهنجيءَ ڀاڄائيءَ سان ملايان“



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مائي مرادان

مرادان ٿر ۾ سرحد ويجهو هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڄائي هئي. جتان فوجي چونڪي اٺن، ڏهن ميلن جي مفاصلي تي واقع هئي. ڪنهن وڏي ڀٽ تي چڙهي، نروڪٽيو هو ته قلعي جي برجن تي بيٺل سپاهي چٽا پٽا نظر ايندا هئا. فوجي ٽرڪن ۽ گاڏين جي ڳوٺ جي ڀرسان کان اچ وڃ لڳي پئي هوندي هئي. ڪڏهن، ڪڏهن سرحدي جهڙپن جي نڪا نوڪي به چٽيءَ طرح ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. ننڍڙي هوندي سندن پيءُ مرادان ۽ سنديس ننڍي ڀاءُ کي ملڪي ۽ غير ملڪي لڙاين جا قصا ڪٿي ٻڌائيندو هو، جن ۾ سرحدي چڪرين جي گهڻائي هوندي هئي. ڇهن سالن جي عمر ۾ مرادان کي ڳوٺ واري پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. ٽيون درجو پاس ڪرڻ کان پوءِ ننڍڙي مرادان پنهنجي پيءُ وانگر پنهنجين سهيلين کي سرحدي جهڙپن بابت ننڍڙيون ننڍڙيون ڪهاڻيون ٻڌائي داد وٺندي هئي. ڪهاڻيون ٻڌائيندي، لٺ کي بندوق بڻائي، ڪنهن سهيليءَ تي نشانو ڀچائي، مرادان ڪڏهن، ڪڏهن اهڙو به مظاهرو ڪندي هئي، جيڪو سچو پچو لڳندو هو. مرادان ننڍ ئي ننڍ ۾ سرحد اورانگهيندڙ دشمنن تي حملو ڪندي، ڇرڪ ڀري اٿي ڪڙي ٿيندي هئي. ٻه سال لاڳيتو ٿر تي وسڪاري نه هئڻ ڪري سخت ڪهت پئجي ويو. ڇو ته اهڙو ڏڪار اڳ ڪڏهن به نه پيو هو. اڄ به ان ڏڪار کي "ڪارو ڏڪار ڪوٺي ياد ڪيو ويندو آهي" ان ڏڪار ۾ ماڻهو، ماڻهوءَ کي ته نه کاڌو هو، پر ٻڪ وگهڻي ماڻهو وٽن جا پن به کائي ويا هئا. ڪيترا ٿري قبيلا اَن پاڻيءَ جي تلاش ۾ ٿر ڇڏي، سنڌ جي اتر، اولهه وارن ٻئراجي علائقن ڪان وڃي نڪتا هئا. جن ۾ مرادان جو گهر ۽ سنديس مٽ به شامل هئا. مرادان جي پيءُ ۽ سنديس مٽن مائٽن موهن جي دڙي ڪان ڏکڻ طرف بلڙهيجي ڳوٺ ۾ اچي لڏ لاٿي، جتي مرادان جي مائٽن جا پڳ مٽ يار رهندا هئا.

مرادان جو پيءُ جڏهن پاڻ پرو ٿيو، ته وري به پنهنجي ڌيءَ مرادان کي بلڙهيجي پرائمري اسول ۾ داخل ڪرايو. پنج درجا پاس ڪرڻ کان پوءِ، انگريزي پڙهائڻ لاءِ مرادان کي ڏوڪريءَ ۾ پنهنجي مامي وٽ ڇڏيو ويو.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وقت گذرڻ سان مرادان جي سوچ ۽ فڪري دائري ۾ وسعت پيدا ٿيڻ لڳي. گرمين ۽ سردين جي موڪلن ۾ مرادان پنهنجي ڳوٺ ٻلڙهيجي هلي ويندي هئي، جتان پنهنجي ڀاءُ سان گڏجي ڪلاڪن جا ڪلاڪ وڃي موهن جي دڙي ۽ عجائب گهر جو مشاهدو ڪندي هئي. موهن جي دڙي وارن ڪنڊرن، ڏيهي توڙي پرڏيهي ماڻهن جي اچ وڃ ۽ دڙي جي ڪوتائيءَ مرادان جي ذهني ڪئنواس جو دائرو وڌائي ڇڏيو. هوڏانهن پٽس جي جنگي قصن ڪهاڻين مرادان ڪي ارتقا جي بنيادي عمل مان گذاري، سنديس ذهن کي قومي جذبن سان خاصو زرخيز ۽ مالا مال ڪري ڇڏيو.

مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪان پوءِ مرادان ڏوڪريءَ جي ٿي گرلس مڊل اسڪول ۾ ملٽري انسٽرڪٽر مقرر ٿي. هاڻي بنا رنڊ روڪ جي ڪيس ڪاٽ جون رئفلون ۽ مليشيا جون وردیون ملڻ لڳيون. مرادان جي هٿن ۾ هاڻي لٺ بدران، بندوق ڏسجڻ ۾ اچڻ لڳي. شاگرديائين کي جسماني ۽ فوجي سکيا ڏيڻ سان گڏوگڏ، مرادان پنهنجي تعليم ۽ مطالعي ۾ به چڱو خاصو اضافو آندو. هاڻي مرادان پنهنجي ٿَر ۾ ڪجهه سماجي سکيا گهر به کولرائي ورتا.

ستن، اٺن سالن اندر پنهنجي هوشيارپ ۽ محنت سان مرادان تعليم کاتي جي فزيڪل ايجوڪيشن ۾ هڪ وڏو عهدو حاصل ڪري ورتو. اهڙيءَ طرح پنهنجي ذهني ۽ تخليقي قوتن کي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ڪرڻ لاءِ، مرادان نوان گس ۽ نوان پيچرا جوڙي ورتا. مرادان پنهنجي منزل ڏانهن تيزيءَ سان سفر ڪرڻ لڳي. رات ڏينهن جي محنت مرادان کي هڪ اهڙي منزل تي وٺي آئي، جتان مرادان کي هر رستو منزل ڏانهن ويندو ڏسڻ ۾ آيو. ساڻيهه جي هر پرائمري ۽ هاءِ اسڪول کان علاوه مرادان سماجي ادارن پاران به فوجي ۽ جسماني سکيا گهر قائم ڪرائي ورتا.

مرادان جي شهرت ۽ مقبوليت هر روز وڌندي رهي. تقريبن ۽ جلسن جلوسن ۾ ڏنل ليڪچر ۽ تقريرون گهر، گهر ۾ ورهائجڻ لڳيون .مرادان جنهن به جلسي يا ميڙ کي رڳو هڪ پيرو خطاب ڪندي هئي تہ سماجي تنظيمن جا مرڪز ۽ دفتر قائم ٿيڻ لڳا هئا. سندس واڪاڻ جا هنڌين ماڳين هُلَ هئا.

وطن عزيز جون ڦَٽل وستيون ۽ واهڻ، بندر ۽ بازاريون پَسي، مرادان جو هنيون لوڻ ٿيڻ لڳندو هو. هر منظر ڪيس سوچڻ تي مجبور ڪرڻ لڳو هو..... هن ساڻيهه کي هر دؤر ۾ ڌارين پنهنجو وٿاڻ پئي بڻايو آهي. ڪي ڌاريا ڌاڙيل بڻجي، سرحد اورانگهي آيا، تہ ڪي لڪ ـ چوريءَ پهچي ويا. قتل ۽ اجڙيل چوڙا ۽ چوڳان پسي، مرادان جي دل ۾ انتقام جا جذبا پيدا ٿيندا هئا، ۽ پوءِ جوش ۾ اچي اڳي ڪڙي ٿيندي هئي. مرادان ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو! بس



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جذبن جي چيين کي عمل جي پاڙيءَ سان وسائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهندي هئي.

مرادان ڊٺل قبرن کي سوٽا هڻي، ته ڪيئن هٽي! ڪتبن جون سرون سنگينن جي نوڪن سان اکيڙي ته ڪيئن اکيڙي!! مقامن کي باهيون ڏئي، ته ڪيئن ڏئي!!! پلو پاند وٺي ته ڪنهن کان ڪنهن کان وٺي!!!! انهن کان جيڪي ڏرتيءَ جي هن ٽڪري کي ڦري لٽي لاشن مٿان گهوڙا ڊوڙائي دولت جون خزينون ۽ اٺ پري واپس موٽي ويا. يا انهن کان جيڪي هتان جي سندرتا ۽ مايا تي موهجي هٽ ۾ ڏندو ڪري، لڏو لاهي ويهي رهيا. يا انهن کان جيڪي اجان به ڌرتي - ماتا جي پيٽ ۾ ڇرا ٽنبي، ڪيس رتو ڇاڻ پيا ڪن ۽ چوڙن وانگي ڌرتي ڇاون جي جسمن جو رت پيا چوسين. مرادان جي ذهن تي سوچ ۽ ويچار جا سوين رنگبرنگي پکي لهڻ ۽ اڏامڻ لڳا.

مرادان هاڻي سرڪاري آفيسن ۾ نه، پر خانگي دفتر ۾ ويهڻ لڳي هئي، ڇاڪاڻ ته نوڪريءَ وارو گهربل عرصو پورو ڪري، مرادان فارغ ٿي چڪي هئي. هاڻي نه رڳو هڪ مرادان هئي، پر هڪ مرادان ڪيئي مرادائون پيدا ڪري وڌيون هيون. سوچ ۽ پيڙا جا سرخاب نه رڳو مرادان جي ذهني افق تي اڏامڻ لڳا هئا، پر وطن عزيز جي هر ٻچائيءَ جو ذهن بالغ ۽ زرخيز ٿي چڪو هو. علم ۽ عمل جي بادلن هر ذهن تي وسڪارا لائي ڏنا هئا. طلب ۽ رسد جا قافلا روانا ٿي چڪا هئا. هر عڪس، هر اولڙو سوال جي نشاني بڻجي، ماڻهوءَ جي ذهن کي بي چين ڪري رهيو هو. هي بندر جو ڦٽي ويو؟ هو شهر ڪيئن اُجڙي ويو؟ ڦلاڻي تڙ کان دادلي درياهه جو وهڪرو مٽايو؟ هي ڇو آيا. هو ڇو نڪتا؟؟ اهڙا ۽ اهڙي قسم جا ڪيترائي سوال مرادان ۽ مرادائن جي ذهنن کي متڪن واريون مارون ڏيڻ لڳا.

هڪ ڏينهن ماضيءَ جي تاريخ کي دهرائيندي هڪ طاقتور ڌاري قوم ساٽيهه جون سرحدون اورانگهي، اندر ٽپي آئي. مرادان رات جو رات ۾ سڪيا جي هر مرڪز ڏانهن نون فوجي ضابطن موجب اطلاع موڪلي، احڪام جاري ڪري ڇڏيا. ٻئي ڏينهن رات جي پوئين پهر هٿياربند عورتن جا جٿن تي جٿا سرحدن ڏانهن وڌڻ لڳا، سج اڀرڻ سان حملو ڪندڙ ڌاري قوم اچا جهنڊا ڦڙڪائي سنگينن ۽ بندوقن جي نالين کي سجدا ڪرائي، هيءُ اعلان ڪري، پٺتي هٽڻ لڳي:

" انهن مست بادلن جو ذڪر نه ڪنهن آسماني ڪتاب ۾ آيل آهي، ۽ نه وري تاريخ جي ڪنهن باب ۾"

•



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جهڄان ٻسي جهوڪ

”چتائي ڇا ٿو ڏسين جانو؟ تو وانگر مون به ڏاڍا ڏاکڙا ڪڍيا آهن. تنهنجي منهن وارن گهنجن ۾ منهنجن ڇوڏن ۾ ڏس ته ڪيڏي نه هڪ جهڙائپ آهي! لڳي ٿو ڄڻ ٻئي ڀائر آهيون. تنهنجون ڏار ڏئي ويل اکيون ۽ اڇن وارن ۾ ڍڪيل ڪنن جا سوراخ ڄڻ ته منهنجي ٽڙن وارا ڀَور ٿا لڳن.“

انب جي وڻ جهيڻي آواز ۾ جانوءَ سان ڳالهائڻ شروع ڪيو. جانو ڪاٻو هٿ نرڙ تي رکي، انب جو پاڙ کان وٺي سڪل سڙيل ڏارن تائين جائزو وٺي رهيو هو.

”ادا جانڻ! جيوَن جو هيءُ به هڪ روپ آهي. زندگيءَ جو ساگر هڪ ڪرو ۽ ڪنهن هڪ پاسي وهندو تو به ڪو نه ڏٺو هوندو. پر جي ائين هجي ها ته پوءِ نه تخليقڪار هجن ها ۽ نه ئي وري تخليقون ئي جنم وٺن ها.

انب جو وڻ جانوءَ سان ڳالهائيندو رهيو. جانو انب جي هر حصي کي اهڙو ته گنڀيرتا ۽ گهرائيءَ سان ڏسي رهيو هو، جو انب کي منجهائونس پنهنجائپ وارو احساس اچڻ لڳو هو. انب محسوس ڪيو هو ته سندس جهور ڪراڙي ٿيڻ کان پوءِ جانو ئي پهريون شخص هو جنهن سندس رحم جوڳي حالت ۾ ايڏي دلچسپي وٺي، ٻئي هٿ نرڙ تي رکي ويهي سوچيو هو. انب اهڙي حساس ۽ هڏ ڏوکيءَ سان دل جي اور نه اوري ته ٻيو ڀلا ڪنهن سان اوري. ان ڪري انب وڻڻ جي ڦٽيءَ وانگر جانوءَ اڳيان ڦاٽي پيو هو. هونءَ ته ٻين به ڪيترن ئي انبن جي وڻن جا ساڳائي برا حال هئا، پر جانوءَ هن انب ۾ ئي دلچسپي ورتي هئي. شايد ٻنهي ۾ هڪجهڙائپ هئڻ ڪري.

هڪ طرف کان ميون سان ٽمٻريل انبن جون قطارون هيون ته ٻئي طرف کان سُڪا ۽ سڙيل انب پنهنجي حال کان بي حال ٿيا بيٺا هئا. جانوءَ جو جسم ننڍڙ اس ۾ پيل برف ٽڪري جيان رجي رهيو هو. انب سوچيو هو ته هو پنهنجي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

همدرد ۽ حساس دل جانوءَ مٿان جيڪر گهاٽي ڇانوَ ڪري ڪيس ڏسندو رهي، پر انب ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو! ڪراڙپ جي نشانين، ڏنين ۽ داغن ڪانسواءِ وٽس رهيو بہ ڇا هو! انب وري جانوءَ کي پنهنجو داستان ٻڌائڻ ۾ لڳي ويو.

"ادا ! ڪو وقت هو جڏهن منهنجي انگ انگ مان جواني هن ڪجيءَ جي گوشن جيان نسري پئي هئي. او..... هن ڪُنڍ واري وڻ ڪان بہ مان وڌيڪ جوان ۽ حسين لڳندو هئس. مان ان زماني جو واقعو پيو ٻڌايان، جڏهن مون پنهنجين ٽارين ۽ پنن مٿان پهريون پيرو مکڻ جي ڇاٽن جهڙو ٻـُور ڏٺو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ اهو ٻور جوهريءَ جي دڪان تي ڇڪن ۾ لٽڪندڙ موتين جي پيالن ڪان بہ وڌيڪ خوبصورت لڳندو هو. منهنجي سونهن ۽ سرهاڻ جي پيٽا ڏيڻ لاءِ پونئرا ۽ پوپٽ پري پري ڪان ڪهي ايندا هئا جيڪي منهنجي ڪير جهڙي جوڀن کي اچي چمندا هئا. پاڻ واري ڳوٺ جون جيڏيون سرتيون مون ۾ پينگهون ٻڌي لڏنديون بہ هيون تہ وسڪاري جا گيت ڳائي مون کي خوش بہ ڪنديون هيون. سهائي رات ۾ ڪي جوڙا منهنجي هيٺان ويهي هڪ ٻئي تي پيار جي پالوٽ ڪندا هئا. مان بيٺي، بيٺي ڪير جهڙي چانڊوڪيءَ جا مٽن جا مٽ مٿن اوتي وٺندو هئس. واٽهڙو منهنجي ٿـڌي، ٿـڌي ڇانو ۾ ويهي منهنجي جوڀن ۽ سندرتا جي واکاڻ ڪندا هئا. پرهہ ڦٽيءَ مهل اونهارڙي ۾ ڳوٺ جا ٻارڙا مون مان ڇڻيل ٽپڪا ۽ انبڙيون ميڙي جهول ڀريندا هئا. اڄ منهنجي حالت تون پاڻ ڏسين پيو، جانو! ائين ٿو لڳي ڄڻ ڪو پريت جيڏو جانور مون کي ڳڙڪائي، پنهنجي پيٽ مان گهمائي هڏ هڏ ڀڃي جسم تان هر شئي روڙي ننگو ڪري هتي ڦٽي ڪري هليو ويو آهي. جتي مسافر ويهي ٿڪ ڀڃندا هئا، اچي آرام ڪندا هئا، اتي دڀ ۽ ڪانديرا ڄمي ويا آهن. زمين ڪلر اوڳاڇي منهنجن ڦٽن ڦرڙين تي لوڻ پئي ڇٽڪائي ۽ مان آهيان جو سائي پن لاءِ سڪي مئو آهيان. اندر پورو ۽ کوکلو ٿي چڪو آهي جنهن ۾ هاٿي ڇيڙن اچي واسو ڪيو آهي. ماڪوڙيون قطارون جوڙي منهنجن جهريل ۽ سڪل ڏارن کي پيون ٽيون ڏنيـن ۽ رهڙيـن. چپي، چپي ڪـي چڪـي، پيـون ٽيـون زهـر جـون پچڪاريون داخل ڪن. منهنجي هر حواس جي سگهہ تي ڪراڙپ جي ڪٽ چڙهي وئي آهي. هاڻي نہ ڪويل نہ وري ڪو پونئرو سنگيت جا سرَ ڇيڙي، مون ۾ جيون رس ٿو ڀري !

جانو انب جو داستان ٻڌندو رهيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ساڻس همدرديءَ جو اظهار بہ ڪندو رهيو. نظرون ڦيرائي جانو ٻين سڪل سڙيل انبن کي بہ ڏسڻ لڳو. جانوءَ ڏٺو تہ ٻين انبن جي پيٽ ۾ هيءُ انب جيترو عمر ۾ ننڍو ٿي لڳو اوترو ئي وقت کان اڳ جهونو ۽ جهور ٿي ويل ٿـي پيو. ايتري قدر جو ڪي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪائنات مچيءَ وانگر ڦٽڪندي نظر اچڻ لڳي هئي. چون ٿا تہ اهڙو "مينهن-واچ" وارو طوفان هن ڌرتيءَ تي اڳ ڪڏهن بہ نہ آيو هو.

جوشيلي فطرت هٽي، هٽي آخر ٿڪجي پئي. ڪارڻ گم ٿيندي وئي. اپ صاف ٿيڻ لڳو ڌرتيءَ تي ماٺار ڇانئجڻ لڳي. گڏ ٿيل پاڻيءَ کي سج جي ڪرڻن ڇهي ورتو ۽ اهڙي طرح ماٺ جي ماحول ۾ ماڻهن، مرن، پکين، وڻن ۽ ٻوٽن سک جو ساهہ کنيو.

پاڻيءَ جي مٿاڇري تي انبن جون هزارين ۽ لکين ڪوڪڙيون لڏنديون، لمنديون، ٽڙنديون، ٽاٻڙنديون هڪ ٻئي سان مٿا ٽڪرائينديون، سوين ميل پري پورب پارِ وڃي نڪتيون. ان سفر ۾ ڪيترا ڀيرا اڌ غشيءَ جي حالت ۾ ڪوڪڙين پاڻيءَ ۾ ٽٻيون هڻي، ڌرتيءَ کي ڀاڪر پائي، آرام ڪرڻ چاهيو هو مگر هر ڀيري سندن مٿا چڪرايا ها. ڌرتيءَ جو گولو ڪين گدري جي ڦارن جيان وڍيو نظر آيو هو ۽ هر هڪ ڦار تي ڪين انيڪ لڪيرون، سرحدون ۽ دائرا نظر اچڻ لڳا ها. ڪوڪڙين کي مجبور ٿي غير فطري عمل کي قبول ڪرڻو پيو هو. اهڙيءَ طرح ڪوڪڙن پنهنجو سفر جاري رکيو هو ۽ آخر هڪ اهڙي هنڌ پهتيون هيون، جتي ڌرتيءَ ٻانهون ڦهلائي سندن آجيان ۽ آڌر ڀارءُ ڪيو هو. ڪوڪڙيون پنهنجي، پنهنجي جاءِ والاري ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ سان چهٽي، اکيون بند ڪري سمهي پيون هيون، هڪ وڏي ننڊ ڪري رهيون هيون. پاڻي بہ آهستي، آهستي گم ٿيندو ويو هو ۽ ائين ڏينهن مان مهينا ۽ مهينن مان سال گذرندا ويا هئا. ٽڪل ٽٽل ڪوڪڙين انگورجڻ شروع ڪيو هو جيڪي ڏگهن پنن وارا ٻوٽا ٿي پيا هئا. اڄ ننڍا، سيان وڏا آخر وڏي وڻ ٿيا ها. چون ٿا تہ اُهي وڻ ڌرتيءَ جي گولي تي اوير ڪان، اتر ۽ ڏکڻ تائين اڄ بہ هزارن لکن ايڪڙن ۾ پکڙيا پيا آهن ۽ ڌرتيءَ جي سونهن ۽ سندرتا جا مرڪز بڻيل آهن، جيڪي هر مسافر کي ٺاريون ۽ ڏار ڦهلائي ڇانوَ ۽ ميوو ٿا ڏين. هزارين ۽ لکين پکي منجهن آکيرا جوڙي، جيون کي سُکي ٿا رکن. هر وڻ مان جواني ٿي ڇٽي ۽ مٿن مکڻ جي ڇاڻن جهڙو ٻور جنم ٿو وٺي، جن جي سرهاڻ ۽ سندرتا جي پيٽا ڏيڻ لاءِ ڀونئرا، پوپٽ ۽ پکي پکڻ پري، پري کان کهي ٿا اچن. نوجوان سهيليون پينگهون ٻڌي، انهن انبن کي وڏيڪ حسين ٿيون بڻائين. سندن ڇانوَ ۾ پيارُ ٿو وندجي بس هر ڪنهن واتان انهن وڻن جي حسن ۽ ڪردار جي هاڪ پئي ٻڌجي، ٻڌڻ ۾ اچي پيو تہ ٠ ر رات اوندهہ جو پردو اوٽ ڪري، انهن وڻن کي ماک ڦڙن سان وهنجاري ڪين سورنهن سينگار ڪرائي، پردو ڪٽي وٺندي آهي ۽ ائين ڌرتيءَ کي سونهن ۽ سندرتا ملندي رهندي آهي.

انب جانوءَ کي پنهنجي جيون ڪٿا ٻڌائيندو رهيو. ڪيس ٻڌايائين:



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جانوءَ جي اکين مان ڳوڙهن جون قطارون ڳڙي، زمين ۾ جذب ٿيڻ لڳيون. جانو ٻنهي هٿن سان ڪَنن کي بند ڪري، مٿي کي ٻه چار جهٽڪا ڏئي، اکي ڪڙو ٿيو. هن ڏنو ته، ٻه سڪل پن، چڻ، چڻ ڪري، سندس اڳيان اچي ڪريا. جن سندس ڳوڙهن واري آلاڻ کي ڍڪي ڇڏيو.

•



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



تاجل بيوس پنهنجي نيٺ سنڌي
۽ وساريل لفظن کي جيئدان
ڏيندڙ شاعريءَ ۾ سنڌ ۽ سنڌين
جي پيار، پاٻوهه، تاريخ، ڪلچر
۽ روحاني رنگن جو شعر رچي،
ڄڻ تہ هر اکر سان پنهنجي سنڌي هجڻ جو حق ادا
ڪندي، قرض جا ڪٽا لاهيندو رهندو هجي.
سندس شاعريءَ جا اڳٽيا ڪتاب پڌرا ٿي چڪا آهن.
پر هي سندس ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾
سڀ جون سڀ علامتي ڪهاڻيون شامل آهن. جن ۾ اوهان
سنڌ جي ڍڪيل ڦٽن، ٿيل وارداتن ۽ پنهنجن، پراون جي
ڳجهن ڏکن کي وائکو ٿيندي ڏسندؤ. هن ڪتاب ۾
دلين کي ڇهندڙ ڏاڍيون عجيب ڪهاڻيون آهن.
سچ تہ هي ڪهاڻيون پڙهي سنڌ جا سور اصل اکين
اڳيان چٽا ٿي ايري پيا آهن.
جڏهن تہ اڳ سنڌيءَ ۾ ڇپيل ڪهاڻين جي ڪتابن ۾
ايڪڙ ٻيڪڙ علامتي ڪهاڻيون پڙهڻ ڪاڻ ملنديون
رهيون آهن، پر هن ڪتاب جي اها خوبي آهي جو هن
۾ مڙوئي علامتي ڪهاڻيون آهن.

سليم انور عباسي

Designing: Ali Akbar Chhutto
Wafai Printing Press: 0320-4068285

Rs. 35/=

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner